# ساجن سونهن سُرت

**Title:** Sajjan, Suhn, Surt
**Genere:** Poetry
**Author:** Tanveer Abbasi
**First Edition:** 1996,
Published by Roshni Publications, Kandiaro, Sindh
**Typesetteing:** Sarmad Abbasi
**Typesetting Software:** ArabTex (copyrighs, Klaus Lagally)
**Copyrights:** All writings of Tanveer Abbasi are copyright free as long as his writings are produced in the original form

This book can be downloaded from
www.tanveer-abbasi.org

**ٽائٽل :** ساجن، سنهن، سُرت
**ليکڪ :** تنوير عباسي
**پهريون ڇاپو :** 1996 روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
**ڪمپوزنگ :** سرمد عباسي
**سافٽوير :** عرب ٽيڪ ( Arabtex )
**حق ۽ واسطا :** ڪليل

**هي ڪتاب**
www.tanveer-abbasi.org
**تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو**

تنوير عباسيءَ جي لکڻين جا حق ۽ واسطا ( copyrights ) هن جي انساني اصولن مطابق کليل آهن. تنهن هوندي به هن جي ڪتابن کي وري پڌرو ڪرڻ ۽ مناسب قيمت تي ماڻهون تائين پهچائڻ ۾ اجا ڪافي ڪم بچيل آهي.

ڪتاب جي ڇپرائڻ ۾ هڪ مشڪل ڪم ان جي ڪمپوزنگ آهي. ان لاءِ هن ڪتاب جي ڪمپوز ٿيل ڪاپي به سڀني لاءِ کلي رکي آهي. هي پورو ڪتاب پي ڊي ايف ( PDF ) جي صورت ۾ انٽرنيٽ تي موجود آهي.

ڪنهن به پرنٽنگ پريس، پبلشر يا فرد کي کلي اجازت آهي ته هو هن ڪتاب کي شايع ڪري. مان صرف اها اميد ڪندس ته جيڪي دوست هي ڪتاب وري ڇاپيندا سي اها به ڪوشش ڪندا ته تنوير جون تحريرون ماڻهون تائين مناسب قيمت ۾ پهچن. هنن تحريرن کي وري ڇپڻ ۽ انهن کي ورهائڻ جي لاءِ ڪنهن کي به ڪنهن کان اجازت وٺڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

هي ڪتاب مون عرب ٽيڪ ( ArabTex ) ۾ ڪمپوز ڪيو آهي. مان پروفيسر ڪلس لگالي ( Prof. Klaus Lagally ) جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جنهن نه صرف دنيا کي عرب ٽيڪ جهڙو سافٽوير بنا معاوضي جي ڏنو آهي پر ان ۾ سنڌي به شامل ڪئي آهي.

سرمد عباسي.

This book was typeset using ArabTex, a typesetting system produced by Klaus Lagally. I am greatful to Prof. Lagally for making this system freely available for everyone to use. Documentation and other information on how to use ArabTex can be found at the following website:

http://www.informatik.uni-stuttgart.de/ifi/bs/research/arab_e.html

Sarmad Abbasi

## A Note About Copyrights

The poetry and all the writings of Tanveer Abbasi are copyright free. Any one is free to publish his writings as long as they do not modify, change or alter his writings.

This particular typesetted version is also copyright free. Any publisher, printing press or individual is free to make copies or republish this work and distribute it.

In case, anyone plans to publish this book in high volume, I would be grateful to assist them in reformating of this document.

Sarmad Abbasi

# ساجن سونهن سُرت

(شاعري)

تنوير عباسي

هِتَان ڪٽي هُت، جن رکيو سي رَسيون،
سَاجن سونهن سُرت، وِکَان ئي ويجهو گهٽو.

( شاهه لطيف)

مارئيءَ

راڻول

جي نالي

# بسنت جهڙو سپرين

وايون

جي ڪوئي پي گڏ نہ هلندو مان هيڪل ئي ويندس
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

ماضي آهيان، حال ۽ مستقبل سان سنمک مان ٿيندس
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

ٻاڙها گل پسي مان پنهنجي وات کي ڪين مٺيندس
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

پنيرڪي کا سنجها تائين پنڌ پيو تاڻيندس
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

تو ڏي اچڻو آهي مونکي مان توڏي ئي ايندس
مونکي اڳتي وڃڻو آهي.

جيئڻ ئي توکي ڏٺم ،
زندگيءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

توسان ڪجهہ ڳالهيون ڪيم ،
دوستيءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

توسان ڪجهہ گهڙيون رهيم ،
هر گهڙيءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

تنهنجي نيڻن کي چميم ،
روشنيءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

پيار جي تو سان ڪيم ،
آدميءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

سونهن کي سجدو ڪيم ،
بندگيءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

شعر جي تو لئہ لکيم ،
شَاعريءَ ۾ تي ويو ايمان تازو.

تنهنجي نيڻ نهار،
جهڙي مند بهار،
ڪڻ اکيون ڪِل يار تون.

وِههُ وهاڻيل تو بنا،
لڳي سڄو سنسار،
ڪڻ اکيون ڪِل يار تون.

تنهنجا ٿهڪ ٽڙي پيا،
من تان لٿو غبار،
ڪڻ اکيون ڪِل يار تون.

جيئڻ سڀ جو جڳ ۾،
الفت جي آڌار،
ڪڻ اکيون ڪِل يار تون.

سڪ وارن جي سوچ آ،
دين دنيا کا ڌار،*
ڪڻ اکيون ڪِل يار تون.

* سعدي

سڄڻ سندي سرهاڻ،
من کي واس وکوڙي ويو.

پورو هيس اڳي مان ڏاڍو،
سِکَ کيوم سڄاڻ.

رات جي راڻي، رات جو سُرهي،
سڄڻ سدا سرهاڻ.

در تي ٽانگر بيهاريو آ،
تنهنجي آڌر ڪاڻ.

هيءُ سڳنڌ سندا اوٻارا
اڇڻ سندا اهڃاڻ.

هيءُ مڌ ۽ مهراڻ ۽ تون مان،
هيءُ چنڊ ۽ چانڊاڻ.

بسنت جهڙو سپرين، جنهن جو ،
گفتو گفتو گل.

مورک ماپن تا موتين سان،
تنهنجي مرڪ جو مُل.

ڀُلي جي پهچين هُن جي در تي،
وري وري تون ڀُل.

سانت هيا سڀ ساز مگر هئو،
هيڪارن جو هُل.

سونهن هلي اچ منهنجي گيتن،
جي جهوليءَ ۾ جهل.

هائو بتن سان پيار ڪريون ٿا،
ڪافر آهيون ڪُل.

ساجن گھونگھٽ کوليو،
مرڪي ٻهه ٻهه ٻوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

وِرههَ وجود ۾ منهنجي،
مصري وانگر گھوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

ڏند تي چنڊ جو چهرو،
چولين پئي چاچوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

سوئي تيئڙو ساٿي،
جنهن پئي رڻ ۾ روليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

مرڪي مهر ڪيائين،
ڏوليو نيٺ ته ڏوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

آمهون سامهون ويهي،
تو تنوير سان ٻوليو،
جرڪيو جرڪيو جيئڙو.

بتي نہ ٻار اڳڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

اڃا تہ رات جا ٻارهن آهن،
توکي لڳي آ يار وچڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

رات جي رَاٽيءَ جا اوٻارا،
آئي ڇڻ ڪا سار سڄڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

مان لهرن ۾ چنڊ ڏسان ٿو،
توکي آهي پار پڄڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

ڏار تيون تا پر هي ناهي،
ويل اسان جي ڏار ٽيڻ جي،
چوڏهينءَ جو چنڊ چمڪي ٿو.

تيندي تو سان روح رهاڻ،
وقت ستو گذري ويندو.

تون ۽ مان ۽ لڏندڙ ٻيڙي،
چوڏس چنڊ ڪندو چانڊاڻ.
وقت ستو گذري ويندو.

وڻيون پرينديون ويندينءَ تون ۽،
مان پيو چوندس آڻ ۽ آڻ.
وقت ستو گذري ويندو.

تون آڏو هوندينءَ ۽ لکندس
شعر نوان مان تنهنجي ڪاڻ.
وقت ستو گذري ويندو.

ڏکهي سفر ۾ هڪ سهڻيءَ سان
ٿي وئي آهي ڄاڻ سڃاڻ.
وقت ستو گذري ويندو.

سنهڙيون مينهن ڪٽيون،
مونکي خوب وڻيون،
تون جو گڏ ويٺي هئينءَ .

سڪل پنن جان ڳٽتيون،
منجهان چوھ ڇٽيون،
تون جو گڏ ويٺي هئينءَ .

توسان گهاريم جي گهڙيون،
توريون، پوءِ به گهٽيون،
تون جو گڏ ويٺي هئينءَ .

وڇوڙي جون ساعتون،
آهن ڳاٽ ڳٽيون،
تون جو گڏ ويٺي هئينءَ .

تنهنجي مرڪ ڇُهَاوَ سان،
گهڙيون گيت بڻيون،
تون جو گڏ ويٺي هئينءَ .

تو سان عشق الستي يار،
تو سان عشق الستي يار.

تنهنجي هستي مئہ جي مستي،
مئہ جي آهي مستي يار.

عشق سوا اوچائي ڪانهي،
پيار بنا سڀ پستي يار.

سونهن سچائپ تنهنجي آهي،
پيار اسان جي هستي يار.

ويهہ اسان جي آڏو ڪجهہ پل،
ڳالهہ ڪريون سربستي يار.

نينهن نگر آ منهنجي بستي،
منهنجي آهي بستي يار.

موهه جي مڌ جو ملهه مهانگو،
وِسڪي آهي سستي يار.

هتي موهه آ مڌ ۽ مهڪ آ،
هيءَ تنوير جي وستي يار.

توکي ڏسندي ئي تنوير،
سکيو انسان پرستي يار.

تنهنجو درد فراق او يار،
منهنجي جيءَ جو آهي جياپو.

تنهنجي وڇوڙي مون کي ولوڙي،
آهي ڪيو دک جو هيراڪ.
روحَ ڪيو ڪٿ ڪين اجهاپو.

تنهنجون نگاهون روشن راهون،
منهنجيون اکيون اوطاق.
اڄ نہ تہ ڏيندو ڏيهہ ڏوراپو.

تنهنجون اکڙيون مکڙيون مکڙيون،
منهنجيون ڳوڙها ماڪ.
ڪڏهين ٿيندو تن جو ميلاپو.

ڪـومـاٹـل گل تـي،
پوپٽ ايندو ناهي.

اجڙي جيڪي باغ ويا،
انهن باغن ڏي،
پوپٽ ايندو ناهي.

سرهـاٹـين ڪان اورتـي،
انهن ڪان پرتي،
پوپٽ ايندو ناهي.

پوپٽ سونهن ڏي ايندو آهي،
تڪر توہر ڏي،
پوپٽ ايندو ناهي.

يار نٿو ڳالهائي - يارو!
مان ڳالهايان ٿو.
هائو - مان ڳالهايان ٿو.

آءٌ اگهاڙو آهيان ڇو جو،
ويس دوئيءَ جا لاهيان ٿو.

توکي چاهيان ٿو ان لئہ ئي،
جيون کي مان چاهيان ٿو.

مـنَافقيءَ جا محل سيوئي،
هڪ ئي ڌڪ سان ڊاهيان ٿو.

پيار ڪري مان ڪَ ۽، پنَ سان،
توسان نينهن نباهيان ٿو.

خدا کي خلقي ڊاهيان ٿو ۽،
ڊاهي، توکي ٺاهيان ٿو.

وڇون منجهہ وجود،
آهن آديسين جي.

نہ ڪو ڪن رڪوع هو،
نہ ڪو ڪن سجود.

پنهنجو پاڻ ئي غيب سي،
پنهنجو پاڻ شهود.

پيار نہ آ واپار ڪو،
نہ ڪو زيان نہ سود.

جي آهيان موجود مان،
آهي حق موجود.

تون ٻي لامحدود ۽،
مان ٻي لامحدود.

ساجن گهر آيو،
هڪڙيءَ اک ڏٺو،
ٻيءَ ڪين ڏٺو.

گهر جي اڳ تي وڄ جيان،
ڪن پل لئہ چمڪيو،
هڪڙيءَ اک ڏٺو،
ٻيءَ ڪين ڏٺو.

منهنجي مُوڙهي چِتَ ڪي،
چَتُر ڏيئي ويو،
هڪڙيءَ اک ڏٺو،
ٻيءَ ڪين ڏٺو.

چيو تو تنوير چو،
تيو آهين ماندو،
وري سڄڻ ايندو،
ڏار نه پوءِ ٿيندو،

گهر جي اپ تي سج جان،
دائم تيج كندو،
وري سڄڻ ايندو،
ڏار نه پوءِ ٿيندو،

ڦوڙائو آ ٿورڙو،
ۓ ميل سَدَائينءَ جو،
وري سڄڻ ايندو،
ڏار نه پوءِ ٿيندو،

(سرمد جي ٿورن ڏينهن لاءِ اچڻ تي.)

جيڪو وسري ڪين گهڙي پل،
تنهن کي ڪئين مان ساريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

چويه ئي ڪلاڪ جو چِتَ ۾ ،
تنهن کي ڪئين وساريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

اگر هجي هو مونکان ٻاهر،
پوءِ ان لئہ مان نهاريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

پايان تو هو مون ۾ آهي،
ان لئہ اندر اجاريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

ويو فراق هليو تنوير،
مان ورق وصال جو واريان،
هر دم تنهن سان گڏ مان گهاريان.

منهجي ميراجهي من تي، ڪو سورج جهلڪا ڏيندو،
ايندو ساجن ايندو،

منهجي جيون جي مقصد کي، مون کان اڳتي نيندو،
ايندو ساجن ايندو،

مَاٺهوءَ موهه جا منهنجي من ۾، هو جڳ کي آچيندو،
ايندو ساجن ايندو،

آءٌ ته ماضي آهيان سائين، هو مستقبل ٿيندو
ايندو ساجن ايندو،

لهندو مَانُ هو پَاڙ مٿيءَ جو ، مونکي مٿي گڏيندو
ايندو ساجن ايندو،

(سرمد جي وطن ورڻ جي خبر تي)

# ٿهڪ گلن جي صورتَ

غزل

نہ ڪا رياضت نہ ڪا عبادت
رڳو محبت، رڳو محبت.

جيئڻ جي هاڻي نہ آ ضرورت
نہ ڪائي صورت نہ ڪائي مورت.

اڃي سيان شال تنهنجي صورت
اکين تراوت، دلين مسرت.

نہ فائدو ڪو، نہ ڪا ضرورت
تڏھ بہ الفت، تڏهن بہ الفت.

اهي هوانا اچڻ جا تنهنجي
گھلن ٿيون هيرون، ٿِمي ٿي نڪهت.

محبت آهي تہ ڏاڍي ليڪن
نہ آهي هن ساڻ ايڏي حُجت.

آ تنهنجي ڪيڪار هڪ ادا جنهن
وڌي آ مرڪڻ جي مون ۾ عادت.

جڏهن ٻه دوست ٿا، توسان ملڻ جا ڏينهن اچن.
لڳي ٿو چڻ ته گلن جي ٽِڙڻ جا ڏينهن اچن.

ڪڏهن ته يار سان گڏ مڌ پيڻ جا ڏينهن اچن.
ڪڏهن ته مست ٿي ڳائڻ نچڻ جا ڏينهن اچن.

ٿا درد وند دلين مورجڻ جا ڏينهن اچن.
پرينءَ جي منهن تان ٿا گهنڊ جي کلڻ جا ڏينهن اچن.

اجهي بشر جي مقدس ٿيڻ جا ڏينهن اچن.
اجهي ٿا تنهنجي اکين کي چمڻ جا ڏينهن اچن.

هوائون مڌ ۾ ٻڏل ۽ فضا ۾ سرهاڻيون،
لڳي ٿو ايئن، ٿا تنهنجي اچڻ جا ڏينهن اچن.

رڳو ڏسان پيو توکي، ۽ توسان ڳالهايان،
ڪڏهن ته اهڙا ڪي واندي ويهڻ جا ڏينهن اچن.

هائو تنوير، اهو مان آهيان.
جتي تون آهين تہ توسان آهيان.

نہ ملائڪ نہ ڪو شيطان آهيان،
مان تہ انسان رڳو انسان آهيان.

نہ خدا آهيان، نہ ان کي ڳوليان،
پنهنجي محبوب ۾ مستان آهيان.

تو ڏنو مون ڏي تہ ڪجھہ ڪين ٿيو،
ڏسي توکي ٿيو حيران آهيان.

تون ڪٿي آهين، ڪٿي آهين تون،
تون جتي ناهين اتي مان آهيان.

تنهنجي گهٽيءَ جي مٽي ميٽڙي.
پنهنجو ڪعبو ٺاهيو آ مون.

دل جي مقدس معبد خاطر،
مسجد مندر ڊاهيو آ مون.

ٻج ته ڦٽندو، نيٺ ته ڦٽندو،
هر ڪاهيو آ، ڪاهيو آ مون.

سونهارن جي سونهن وڏي ڳل،
تن جو حسن اڀاهيو آ مون.

تُنهنجي سونهن سهيڙڻ خاطر،
ڳاهه ڏکن جو ڳاهيو آ مون.

ڪير نباهي ڪنهن سان اڄڪلهه،
توسان پوءِ به نباهيو آ مون.

شال وڏي سچ سونهن محبت،
عمر سڄي ايئن چاهيو آ مون.

لڪايو مون، سرهاڻ چغلي هنئي.
پڇن پيا، هتي ڪير آئي هئي؟

نهاري ۽ نظرن کي ڦيري ڇڏيئي،
ٻنهي جي انهي ۾ ڇڱائي هئي.

هئا وار، چَپ، ڳَل سيئي هڪ طرف،
طرف ٻئي غزل گيت وائي هئي.

چيو جو شعر، اهو تنهنجي چپ تي آيو آ.
جيئڻ سجايو آ، پنهنجو لِکڻ سجايو آ.

ڪئي هئي مون ته رڳو تنهنجي سونهن جي ساراهه،
۽ توري ڳالهه کي ماٺهن ڪٿي وڌايو آ،

خبر نه آهي ته طوفان در کي کڙڪايو،
يا دل جو دوست ڪوئي منهنجي دَرَ تي آيو آ

اسان جو حال ٻُڌَائيندو سارو جڳ توکي،
سموري عمر جو توکان اسان لڪايو آ.

ڪڏهن نه منهنجي طرف اک کڻي ڏٺو آ تو،
۽ مون ته عمر سڄي تنهنجي لئه نهاريو آ.

تو نہ ڳالهايو مون نہ ڳالهايو.
تو بہ سمجهيو ۽ مون بہ سمجهايو.

ڇو پلا کولي در ڏٺئہ ٻاهر.
مون تہ در تنهنجو کين ڪڙڪايو.

پنهنجي ناڪام عشق کي ڪنهن نيٺ.
ڪائنات ۽ خدا ڏي ڦهلايو.

ايترا لڙڪ، ڪو اگهي نہ سگهي.
گهاو ايڏا، جو ڪو سِبي نہ سگهي.

درد ايڏا جو ڪو ڳڻي نہ سگهي،
بار ايڏا جو ڪو کڻي نہ سگهي.

دل ۾ ايڏيون تہ ڳالهيون آهن،
جي ٻڌايان تہ ڪو ٻڌي نہ سگهي.

هن سان ايڏي ڪجهہ محبت جو،
جي رسڻ چاهي تہ بہ رسي نہ سگهي.

ٻيا سيئي داغ ڌوپجي ٿا وڃن،
درد جو داغ ڌوپجي نہ سگهي.

نہ ڪو ھو سڏي ٿو، نہ ڪو مان وڃان ٿو.
مگر پوءِ بہ آھي تعلق مڃان ٿو.

حياتي ھڪ اھڙو پيالو آ ھٿ ۾،
نہ ڪو پي سگھان ٿو، نہ ڪو مان ڀڃان ٿو.

سندن ريل جنھن پاسي گم ٿي وئي ھئي،
انھي ئي طرف پيو ڏسان مان اڃان ٿو.

رھن حسن تنھنجي سان تازا ھميشہ،
سپئي شعر توکي انھي لئہ سَجان ٿو.*

* عرفي

مون تہ گلاب لڳايا آهن.
پوپٽ پاڻهي آيا آهن.*

پيار جا سانگ سجايا آهن،
ٻيا سڀ ڪم اجايا آهن.

تنهنجا ٿڪ گلن جي صورت،
بسنت رُت ورجايا آهن.

سئو مجبوريءَ جا افسانا،
تنهنجي سانت ٻڌايا آهن.

* مرڪزي خيال نارايڻ شيام

سپنا سايا تيندا،
ايندا ساجن ايندا.

مون کي ڪين ڇڏيندا.
مون کي ڪين ڇڏيندا.

هو جاڏي پي ويندا،
موٽي مون ڏي ايندا.

هو ڪنهن جا به نه ٿيندا،
ٿيندا منهنجا ٿيندا.

لڳائي آئين تون پرفيوم قيمتي ليڪن،
جي گل تو آندا انهن جي سڳنڌ وئي ڊڪجي.

مون پنهنجو درد ته چرچي ۾ ئي لنوائي ڇڏيو،
مگر تون مون کي ڏسي ڇو پلا پئينءَ روئي.

اچڻ پي چاهين تڏهن پي سگهين ٿي ڪين اچي،
ٻڌاءِ پيار کان وڌ آهي ڪهڙي مجبوري.

زماني شور ڪيو پئي مگر مون ڪجهه نه ٻڌو،
ٻڌي ته تنهنجي اکين جي خموش ڳالهه ٻڌي.

مون تنهنجي پير ترىءَ ۾ ڪئي هُئي ڪتڪائي،
ڏکن ۾ تنهنجي وڏائي سچي وئي وگهري.

ٻڌايان جڳ کي ته بدنام ٿي وڃين شايد،
جا ڳالهه مون سان ڪندي آهي، تنهنجي خاموشي.

تنوير کي وڻي ٿي هڪ سهڻي ڇوڪري،
نالو نہ ٿو وٺي پر سمجهي وڃو پلي.

سالن کان پوءِ مون کي پَاتئہ ڳِرَاٽڙي،
پرفيوم ۽ پگهر جي خشبو ملي وئي.

ميڪ اپ کي ڇا ٿيو جو وتڙيل لڳي پيو،
ڪهڙي سبب آ بگڙي ڪپڙن جي استري.

سالن کان پوءِ بہ ايئن ڇڙ آهين تون اڄ ملي،
تنوير سان رکي آ تو ڪهڙي دوستي.

پيارو پيارو اهو پل ويو لڪجي،
تو نهاريو تہ غزل ويو لڪجي.

تنهنجي پوشاڪ جيان ئي سرهو،
جملو ڪو رنگ رتل ويو لڪجي.

ڏنڊ جي منهن تي سنڌءِ نيڻن جيان،
آهي ڪيئن نيل ڪمل ويو لڪجي.

رات جي اک ۾ ڪاتب ڪان،
ڪارو ڪارو آ ڪجل ويو لڪجي.

ڪيئن تقدير لکڻ واري ڪان،
عشق سان لفظ اجل ويو لڪجي.

ڪالهه توسان جو رُسي آيس مان،
بس ايئين سمجهه کُسي آيس مان.

هاڻي سوچيان ٿو ته ڪاڏي وڃجي،
تنهنجي محفل مان اٿي آيس مان.

در جي ڪڙڪي ۽ ڏسين مون ڪي تون،
سمجهجان ايئن ته ڀُلي آيس مان.

تو ڏي ايندس نه مان چاڻي واٽي،
ڀانئجان ايئن ته ڀُلي آيس مان.

وٽ ورائي سيو ڪجهه پيار سوا،
تو وٽان جيڪو کٽي آيس مان.

مان ته ڀانيان ٿو هيس تو وٽ ئي،
تون چوين ٿي ته وري آيس مان.

تو وٽ آيس نه ڪڏهن خالي هٿ،
هر دفعي درد کڻي آيس مان.

# سَانجهي ۽ پن چڙ

هائيڪو

سانجهي ۾ پن ڇڻ،
پِيلا پلڙا لڙڪندڙ
هيءُ سِرنهن جو وڻ.

---

رستو ڏامر جو،
مٿان وڻن جا وَنگ ۾،
هيٺان هڪ گاڏو.

---

پُٺي اگهاڙي،
ڪچن ۾ ٻئي هٿ ۾،
ڏڪي ٿي ڇاڙي.

---

ساوڻ رات نندي،
تنهنجي درد فراق ۾،
ڪيڏي پئي اينگهي.

---

رات ڊگهي ۾ سِيءُ،
وقت گذارڻ آ ڏکيو،
وٺ هيءَ براندي پيءُ.

موتئي جي سرهاڻ،
هيءَ گرمي ۾ گهُٽ پيي،
وٽي تي ڏاڍي هاڻ.

---

ها ڪيڏو ٻه وڏو،
اجگر جيڏو تو لڳي،
پوءِ ٻه پاڇولو.

---

گلڙن جي تصوير،
ڪمري ۾ پر ڪيئن اچي،
هٻڪارن سان هِير.

---

قلفيءَ جو هوڪو،
ننڍڙي ٻار جو مَاءُ سان،
خرچيءَ تي ڪيٽو.

---

ڏاڍا ميگهه ملهار،
ڏسي ڏسي سڏڪا پريا،
پِنل لغڙ ڪي ٻار.

وڃڻو ڇاتيءَ تي،
هن گهٽ ۾ به ڪٽي وئي،
ننڊ نمَاڻيءَ ڪي .

---

ماڻهي ٿيو بدلي،
۽ منهنجي گلدان جا،
رنگ ويا مٽجي.

---

اڄ ۾ مرڪ جهليل،
پوءِ به ظاهر ٿئي پيو،
اکيون ڏند پڳل.

---

پاڻيءَ جو وارو،
چنڊ جي ٿڌڙي روشني،
پرجي ٿو پارو.

---

ماڻهو هيءُ پليل،
اڄ، ڪالهوڪي گل جان،
تن جا ڪنڊ لڙيل. *

---

* Ovid رومن شَاعر

لهرن جيان آهيون،
ڦٽڪڻ آهي زندگي،
۽ موت آهي سڪون. *

---

ٽي وي بند ڪريو،
مان پي ويٺو آهيان،
مون ڏي پي ته ڏسو.

---

ڪنڌيءَ تي بيٺل،
هيڪل وڻ، ريءَ عڪس جي،
سيارو - وَاهُ سُڪل.

---

قلفيءَ وارو نيٺ،
گهلي گهاڏو ٻي بجي،
ويٺو وڃي وڻ هيٺ.

---

انبڙيون وڻ مان ڏوڻ،
جون، ڪنارو واهه جو،
برف، لَسِي ۽ لوڻ.

* حافظ

پکين کھڙو ماڳ،
سج لٿي واھيرو ۽،
پرھ ڦٽيءِ جو جاڳ. *

---

تون پيي ايئين ئي تج،
ڪوئلي جهڙي رات پڇاٽا،
ٽاندي جهڙو سج.

---

جنوريءَ راتيون،
هيٽر ڪمري ۾ ٻريل،
نيڙا، باداميون.

---

جنوريءَ راتيون،
ڇَني ۾ آ مچ ٻريل،
ڪوسيون مگ ڦريون.

---

ڪلي پيو آ راز،
لڙڪن کي روڪيو مگر،
ٿيو آلو آواز.

* ڌم پڌ (گوتم ٻڌ)

ڪوڏر جو لپو،
ڌرتيءَ جي سرهاڻ ڪي،
ڪيئن نہ پڪيڙي ويو.

آيو اونهارو،
پنڪڙيون ڇڻنديون ويون،
ڦٽي لڳو ميوو.

پَنَ ڇڻ جي سانجهي،
دز رليل ڪرٽا هُئَا،
هر شئي ميرانجهي.

ڪوئل پئي ڪُوڪيو،
رڪشا جي آواز چو،
ايئن وچ ۾ ڏوڪيو.

بجلي تي وئي فيل،
جوتِ ستارن جي وڏي،
مهڪيا وڏ رابيل.

واهہ ۾ ٽڙيَن ٻار،
اپ تي ڳاڙهو سج آ،
پرتي لال ليار.

---

پڙڪو ڪاڏو جهرڪ،
۽ هن اهڙ چوڪريءَ،
ڪيئن نہ پريو چرڪ.

---

صبح سياري جو،
پيو آ ٽِڙڪو ماڪ تي،
ڏنڌلو ڪجهہ ڇٽو.

---

سجاتل سرهاڻ،
منهنجي ڪمري ۾ پرينءَ،
پيرُ ڏريو آ هاڻ.

---

ڪولاچيءَ جو ڪُن،
هيءَ جو ڪاڏيءَ ڪُٻ آ،
يا هيءُ تنهنجي ڏُن.

ڇُلھہ جي چوڏاري،
سياري جي اڌ رات جو،
مَتل چوياري.

---

گھٽبو ناهي پيار،
جيڏا وار اچا ٿيا،
اوڏو وڌندو يار.

---

اونداهي، ٻُٽَ، هاڙ،
آندي جھُوٽي اوڇتو،
رابيلن سرهاڻ.

---

سگريون ڪنڊيءَ منجھہ،
چاڙ تہ سنڌوءَ ليٽ ڪئي،
پڪڙيو پيڙين ونجھہ.

---

هوريان هوريان پيءُ،
مينهن بہ ڦُڙ ڦُڙ ٿو وسي،
ان جو ساٿي ٿيءُ.

چڙ ته سجاڳ ناهه،
پوءِ چو ايئين اک ٽيٽ سان،
مون ڏي آهي نگاهه.

---

پيچ پنيءَ جي ويل،
پڇي ويو هٿ ماڪ سان،
پٽيم پئي رابيل.

---

نوريئڙو ٻوڙيو،
ٽاري لڏي پيرِ جي،
پڪل پيرُ ڪِريو.

---

هر شئي ميرانجهي،
رڳو تنهنجي مرڪ سان،
روشن آ سانجهي.

---

ڳراٽيون ڳوڙها،
پرتا سالن بعد ۾،
پاڪر ۾ سوڙها.

وڻ ۾ چمپا گل،
تون ۽ مان ٻئي سانت ۾،
هيڪارن جا هُل.

---

ڏينهن سڄو هڻُ هڻُ،
سانجهيءَ موتيو - گهر ۾،
ٻارن جو ٽِمجهڻ.

---

اَسُر ڪَان هڻُ هڻُ
منجهند نم جي ڇانو ۾،
ڪپڙين جي ٽڙ مڙ.

---

ساوا پن وڻن،
پر جي تن جي وچ ۾،
ڳاڙها گل ٽڙن.

---

تنهنجو ڪيڏو ملهه،
وارن ۾ محبوب جي،
او چمپا جا گل.

آءٌ اڪيلي واٽ،
ويل اسر جي ٽي وسي،
هلڪي هلڪي ڇاٽ.

---

تنهنجا ٿهڪ ٽڙيل،
چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
پني مهڪ مليل.

---

ماڪ سان آلي ڪار،
سومهڻي سياري سندي،
ڪنهن جو انتظار.

---

توکي خط لکيم،
لکي ۽ ڪي ئي پنا،
ور ور پئي ڦاڙيم.

---

ٻيڙي ۽ مانجهي،
گونجيل گيت فراق جو،
سرءُ جي سانجهي.

هي فطرت جا رنگ،
ميري ٻاٽيءَ جي مٿان،
اڇا اجرا ڪنگ.

---

ٽڙيل چمپا گل،
تون ۽ مان خاموش ۽،
هيڪارن جا هل.

---

ٻگهه چپ بيٺو هئو،
هوا لڳي ڏندي تي،
ٻگهه جو عڪس ڇُريو.

---

موڪل تان موتيو،
ڪمري ۾ هر چيز تي،
دز ئي دز رهُو.

---

ڪوئل جي ڪُو ڪُو،
۽ هن نٿهڻ اُس ۾،
گدري جي خوشبو.

بنا سبب سنسار،
پوءِ بہ ڪيڏي سونهن آ،
پوءِ بہ ڪيڏو پيار.

---

پرينءَ جو پاڙو،
گهٽي گهٽي چڻ ڪاڪ آ،
۽ پاٽي ٻاڙو.

---

ها ها او ڏاڙيل،
ڪٽي وجو سپ سون پر،
پٽيو نہ هي رابيل.

---

لانديءَ مٿان چنڊ،
ڳائڻ وارا وجد ۾،
مَانديءَ جو چڻ منڊ.

تنهنجي مرڪ مٺي،
تنهنجا چپ ڪري سگهن،
ان ڪان ڳالهه سٺي. *

---

ڪيئن ڌئاريان رومال،
تنهنجي لپ اسٽڪ آ لڳل،
ان تي اجا به جال.

---

پيار جي اهڙي ريت،
تنهنجي چپن تائين رسيا،
مان نه ته منهنجا گيت.

---

هيءُ ٽِشو پيپر،
سُرهو اڄ پيو جنهن سان تو،
اگهيو ڪلهه پگهر.

---

قرب جو ناهي ڇيهه،
آءٌ وڃڻ جي لئه اٿان،
۽ تون چئين ٿي ويهه.

---

* امريڪي چوٽي.

اندر آئي پاڻ،
۾ مون کان ئي تي پڇي،
ڇاجي آ سرهاڻ.

---

ڪيئن اَنوکيءَ ريت،
تنهنجي چپن تي مون لکيا،
چمين سان هي گيت. *

---

تون ۽ مان ۽ ڪتاب،
عمر خيام جي شاعري،
سامهون جام شراب.

---

هيءُ ڪيئن پرِيائي،
سپني ۾ تو سان رنس،
جاڳ ۾ پرڇائي.

---

هيءُ ڪيئن پرِيائي،
سائيا ۾ تو سان رنس،
خواب ۾ پرڇائي.

---

* Bilitis يوناني شاعره

تنهنجي مرڪ هلال،
۽ تنهنجا ٽهڪ ٽيا،
چوڏينء چنڊ مثال.

---

ڏکڻ هير لڳي،
ڪنهن وينگس جي اُرهه تان،
رئو ويو کِسڪي.

---

ساوڻ مينهن پيو،
ڪنهن سهڻيءَ جي اُرهه سان،
چولو چنبڙي پيو.

---

ڏنئي ڪاله چُمي،
اڄ به منهنجي ڳل تي،
ان جي آهي نمي.

---

ڏئي سال ٽيام ،
تنهنجي جسم جا ور ورڪڙ،
پوء پي ياد رهيام .

تنهنجا اُرهه انار،
مکڙ جهڙي نرمي منجهن،
ڪٿان آئي يار.

**مسجد جا هائيڪو**

مسجد ڏي پئي ويو،
رستي ۾ گل ٽڙيل ڏسي،
اتي ئي ترسي پيو.

---

مسجد ڏي پئي ويو،
واٽ تي پکين لات ڪئي،
اتي ئي ترسي پيو.

---

مسجد ڏي پئي ويو،
واٽ تي ٻار پئي کيڏيا،
کيڏڻ تن سان لڳو.

---

مسجد جي اندر،
رڪوع ۾ اک ٽيٽ سان،
جوتن ڏانهن نظر.

**خيرپور جا هائيڪو**

آئي آ پن ڇڻ،
سيءَ وٽن پن ڇٽيا،
نرڄو ڪجهيءَ وڻ.

---

مير واهه تي شام ،
سوني ٻاٽيءَ ڏي جهڪي،
ٽالهيءَ جي هڪ لام .

---

سانجهي سنجهيون ٽاپ،
ٻَرينءَ ير تي واهه جي،
ڪافيءِ جو آلاپ.

---

مير واهه سان پنڌ،
ڪاله هئا جيڪي پڪي،
اڄ نه اهي ان هنڌ.

پنج گلو ۽ شام ،
ويٺيءَ ۾ رابيل ۽،
لب تي ڪنهن جو نام .

---

لتاڙيندي گپ،
آئي جو مارڪيٽ مان،
ڪِڪميءَ هاٿي ڏپ.

---

گرمي گهٽ مڪيون،
آرايون ڪنهندي چيئين،
ڪجيون چاڙ پڪيون.

---

جون ۾ پچرن انگ،
سنڌڙي انب ۽ ڪارڪون،
هي سونهري رنگ.

---

ڪجين جهليا ڏنگ،
اپ ۾ آ گجگوڙ تي،
پڪڙيو پيڙين ونجهہ.

## دبئيءَ جا هائيڪو

هيءَ دبئيءَ جي شام ،
منهنجي سامهون آرسي،
چڙ نارايڻ شيام ،

---

دبئي دل جيتي،
موتيءَ موهن گوپ سان،
مڌ ويٺي پيتي.

---

دبئي جي هوٽل،
ڳالهيون ڳوڙها ٿڪڙا،
هڪ ٻئي ۾ رلمل.

---

دبئي جي هوٽل،
پاڪر سڏڪا ۽ چميون،
پڙهيو شيام غزل.

**ٽيليفون جا هائيڪو**

ٽيليفون وڳي،
پنهنجو تون هوندينءَ مگر،
غلط نمبر هيءُ پيو.

گهر ۾ هيس ڪونه،
مونکي پوءِ خبر پئي،
آئي تنهنجي فون.

تنهنجي فون اچي،
دل سان دل جي ڳالهه ٿئي،
ڪوئي رنگ رچي.

ڊائل ڪيم هر هر،
ڪنهن بہ ٽيليفون ڪنئي،
ساري رانگ نمبر.

---

ٽيليفون نہ خط،
تنهنجي منهنجي وچ ۾،
آ ڪهڙو پربت.

---

مارينڊڙ ايڪانت،
خالي گهر ڪائڻ اچي،
ٽيليفون بہ سانت. *

---

* سانت = Dead

# مان تہ اڪيلو ناهيان

نظم

## مان ته اڪيلو ناهيان

سج اڪيلو هوندو آهي،
سج اڪيلو ٿيندو آهي،
چنڊ اڪيلو هوندو آهي،
چنڊ اڪيلو ٿيندو آهي.

مان ته نه ڪو سج آهيان،
۽ نه ڪوئي چنڊ آهيان،
مان هڪ ننڍڙو تارو آهيان،
هڪڙو ننماڻو تارو آهيان،
مان ٻه سڀن جيان آهيان عام،
هٿندو ڪين آهيان ڪا هام.

مان نه اوهان ڪان وڌ آهيان،
۽ نه اوهان ڪان گهٽ آهيان،
مان ته اوهان جيڏو ئي آهيان،
مان ته اوهان جهڙو ئي آهيان،
مان ته اوهان جيان ننڍڙو آهيان.

مان بہ اوهان جيان آهيان نماڻو،
مان تہ اوهان جو ساٿي پراڻو،
مان تہ اوهانجو آهيان يارو،
اوهان جيان ئي هڪڙو تارو.

تاري لاءِ ڪروڙين اربين ساٿي،
سج جي لاءِ نہ ڪوئي ساٿي،
چنڊ جي لاءِ نہ ڪوئي ساٿي،
منهنجي لاءِ ڪروڙين اربين ساٿي.

مان تہ اڪيلو ناهيان.
مان تہ اڪيلو ناهيان.

## پسي ٻاڙها گل

رستي ويندي،
ڏسبا آهن،
ڪي ئي گل گلابي.

تورو ترسي،
تن ڏي نهاري،
اکيون ٺاري،
تن جي سڳنڌ سان،
من کي اجاري،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

رستي ويندي،
ٻڌڻ ۾ ايندي آهن،
ڪيترن ئي پکن جون لاتيون.
برهه جون باتيون.

تورو ترسي،
تن کي ٻڌندي،
جهومندي لڏندي،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

رستي ويندي،
ڏسڻ ۾ ايندو آهي،
پورنما جو چنڊ،
هٽندو آهي منڊ.

ان تي هرڪي،
ٿورو ترسي،
ان کي ڏسندي،
اڳتي وڌندو ويندو آهيان.

تان جو اتي مان رسندو آهيان،
جتي تون آهين،
گل گلابيءَ کان پي وڌ،
پڪين جي لاتين کان بہ مٺي،
چوڏهينء چنڊ کان پي وڌ روشن.

### تون هجين ڪير پي

تون هجين ڪير پي،
۽ هجين تون ڪٿان جو به،
تنهنجو ڀلي ڪهڙو به مذهب هجي،
تنهنجو ڀلي ڪهڙو به مسلڪ هجي،
۽ زبان ڪا به تنهنجي هجي،
رنگ ۽ نسل ڪو پي هجي،
تون هجين ڪير پي،

سڏائين ٿو انسان جو پاڻ کي،
ائٽمي جنگ کان تون بچين،
شال بچين،
شال جُڳ جُڳ جيئين،
شال جُڳ جُڳ جيئين.

## مسجد مندر

هو تا مسجد کي ڊاهن،
اوهان مندرن کي ڊاهيو تا،
سڀ جا سڀ تا توڙيو،
ڪوئي آهي جيڪو جوڙي؟

جيڪڏهن ڪجهه ڊاهڻ چاهيو تا،
نفرت جون ديوارون ڊاهيو.

دليون نه توڙيو، دليون نه توڙيو،
دلين کي جوڙيو، دلين کي جوڙيو.

**جنگ جو اعلان**

جنگ جو اعلان آ،
سڀني خدائن جي خلاف.

جنگ جو اعلان آ،
سڀني قارونن خلاف،
جن خزانا گڏ ڪيا،
سڀني پرمارن خلاف.

جنگ جو اعلان آ،
سڀني فرعونن خلاف،
دعويٰ خدائيءَ جي ڪئي جن،
جن رکيو انسان کان ڏاڍو مٿاهون پاڻ کي.

جنگ جو اعلان آ،
سڀني هامانن خلاف،
جيڪي ڪن ٿا شعبدا،
جي حقيقت کي لڪائيندا رهيا،
ڪوڙ کي جيڪي وڌائيندا رهيا،

جنگ جو اعلان آ،
سيني خدائن جي خلاف،
مذهبن سيني خلاف،
مسلڪن سيني خلاف،
جيڪي انسان کي انسان کان ڪن ٿا ڌار،
جيڪي انسان کي هڪ ٻئي کان متي ۽ هيٺ ڪن.
جي عشق جا دشمن ٿيا،
جي نفرتن جا ٿيا سبب.

جنگ جو اعلان آ،
تن خدائن جي خلاف،
تن مذهبن جي خلاف،
نفرتن تن جي خلاف.

هي عشق جو اعلان آ،
هي عشق جو اعلان آ.

( مولانا گراميءَ جي تقرير کا متاثر ٿي)

## ميڻ جي ماڙي

پنهنجو پانيو ٿا جيڪو سو پنهنجو نہ آ گهر ٻار،
جنهنجي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف انهي جي آ سرڪار.

نئين نسل جي ڪوپرين ۾ علم بجا آ پُوسو،
يونيورسٽين ۾ هر مند جهل جو فصل پچي ٿو.

نئين نسل جي ذهن ۾ پيو ڪجهہ ناهي اوندهہ آهي،
ڊگريون ڪوٺا ڏوڪڙ جن جو ڪوئي پي اگهہ ناهي،

سرڪاري ڪامورا چڙ ڪي گُڏَا هجن اڳڙين جا،
ٻاهر سادا ليڪن تن جي پيٽ ۾ سون پريل آ.

ٻيلن ۾ سرڪاريون آهن جن جو حڪم هلي ٿو،
جنهن ڪري حڪم ٿئي ويچارو ڏن ڀچائي ڏئي ٿو.

پير وڏيرا پنهنجي خاطر وڏي ڪرامت ڪن ٿا،
سياست ۽ سرڪار ٻنهي کي پنهنجي هٿ رکن ٿا.

هر ڪنهن شهر ۾ اڏبا رهجن پيا منارا اوچا،
ويچارا ماڻهو تن آڏو لڳن پيا ڇڙ ٻونا.

سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ڇڙ ڪا ميڙ جي آهي ماڙي،
جنهن ۾ ڪٺ پتلين جو تماشو رهندو آهي جاري.

هنن وزيرن جي طاقت جي ڳالهه ٻڌايان ڇا ڇا،
هنن کان وڌ طاقتور آهن تاس جي راند ۾ گولا.

## خواب ۾ ڇو ٿي اچين

خواب ۾ ڇو ٿي اچين؟
مان وسارڻ ٿو گهران تو کي مگر،
يادگيرين تي تون منهنجي،
هيءُ رنگ ۽ روپ ۽ سرهاڻيون،
هر گهڙيءَ ۽ هر پلڪ،
ڇو ٿي سَجين؟
خواب ۾ ڇو ٿي اچين؟

هائو، تون سمجهي وئي آن،
هيءَ جا منهنجي حياتي،
ڇڻ اذيت گهر هجي.
تون انهيءَ ۾ پنهنجي سهڻي سيبتي،
مٺڙي ۽ پياري پاڻ سان،
منهنجي بي انداز دردن کي گهٽائڻ جي سدا،
ناڪام ڪوشش ٿي ڪرين.
خواب ۾ ڇو ٿي اچين؟

جي تون منهنجي درد جي درمان آهين،
جي تون منهنجي روح جي رحمان آهين،
خواب ۾ ڇو ٿي اچين؟
جاڳ ۾ اچ.

آهين تون سپنو سهاڻو،
مان مڃان ٿو،
پر تون ساپيا ٿيءُ،
اهڙي ساپيا،
جنهن سان مون سان گڏ سموري ڏيهه جا،
سور ماضي ٿي وڃن،
پيار، سُرت ۽ سونهن،
سڀ جو حال ٿئي،
پيار، سرت ۽ سونهن،
اهڙو مستقبل ٿئي،
جيڪو اڻ کٽ ايئن هجي،
جيئن تنهنجي سونهن تنهنجو پيار ۽ پاڪيزگي.

**رسڻ - پرچڻ**

ڪاوڙياسين ـ ڌار ٿياسين،
پنهنجي پنهنجي گهر پهتاسين،
گهر پهچي ۽ پڇتايوسين،

ٿوريءَ دير پڄاڻان،
ٻئي هڪ ٻئي کي پرچائڻ جي لئه نڪتاسين،
۽ وچ رستي تي ٽڪرياسين،
۽ هڪ ٻئي کي ڀڪ وڌاسين،
ڪاوڙياسين،
۽ پرتاسين.

## حضرت عيسيٰ

حضرت عيسيٰ،
تو صحيح چيو،
ته ڪو هڪ ڳل تي ٿقڙ هڻي،
ته اُن ڪي ورائي،
ٻيو ڳل ڏيو.
پر جي ڪو هڪ شهر تي ائٽم بم هڻي،
ته ڇا ان ڪي ٻيو شهر به ڏيون،
ته هن تي به ائٽم بم هڻ؟

حضرت عيسيٰ،
تو صحيح چيو،
ته جنهن وٽ ٻه مانيون آهن،
اهو هڪ ان ڪي ڏئي،
جنهن وٽ هڪ به ماني نه آهي.
پر جيڪو منهنجي ٻچن کان ماني کسي،
اُن لاءِ ڇا چيو اٿئي؟

مونکي ان ڏينهن جو انتظار آهي،
جنهن ڏينهن موتمار هٿيارن جو،
آخري ڪارخانو بند ٿيندو،
۽ موتمار هٿيار،
دنيا جي ڪنهن ٻه ڪنڊ ۾،
رانديڪي طور به نه ملندا.
اهي فقط ميوزمن ۾ رکيل هوندا.
اسان جون ايندڙ ٽهيون، انهن کي،
۽ اسانجي وقت جي جنگين ۽ دهشت گردين،
جي فلمن کي ڏسي چونديون،
” اسان جا وڏا ڪيڏا نه غير مهذب هئا. “

**اچو امن جا چاهڻ وارؤ**

اچو امن جا چاهڻ وارؤ،
اَچو ته هڪڙي جنگ ڪريون.
جنهن ۾ موتمار هٿيار،
۽ انهن پٺيان سڀ نفرتون ۽ تعصب،
سڀ مري وڃن.
اچو ته هڪڙو اهڙو قبرستان اڏيون،
جنهن ۾ انهن کي دفن ڪريون،
جيئن هن کان پوءِ ڪا جنگ نه ٿئي،
۽ ڪو قبرستان نه اڏجي،
هيءَ آخري جنگ، هيءُ آخري قبرستان.

**سڙندڙ باغ**

هيءُ سڙندڙ باغ
ڪنهن کي همت آهي،
ڪنهن کي جرئت آهي،
ڪنهن کي طاقت آهي،
سڙندڙ باغ جي وچ ۾ ويهي،
جو هڪ چِيٽ ڪري.

باغ سڙي ٿو،
سڙندڙ گُلن جي بوءِ،
جيڪا خوشبو يي ۽ بدبو يي آهي.

باغ سڙي ٿو،
راوڻ ناچ نچن ٿا،
وحشي ناچ.

ڪرسين تي پُتلا ويٺا هِن.
پاڇولن کي حڪم ڏين ٿا،
باغ بچايو باغ بچايو،
راوڻ کي پڪڙيو،
۽ ان کي باهه لڳايو.

پر هي پاڇولا راوڻ کي ڪيئين پڪڙيندا؟
ڪالهه انهي ئي باغ جي اندر،
اڻ فطري پيوند لڳا هئا،
انهن منجهان اڄ،
گونچن جي بدران شعلا نڪتا،
جيڪي هن گلشن جي ڪُکِ ۾،
ويا چُپيندا.

سڙندڙ باغ،
ڪرسين تي ويٺل پُتلا،
حڪم مڃيندڙ پاڇولا.

## مذهب ـ مسلڪ

آ تنهنجي عشق جو اعلان آذان منهنجي لاءِ،
۽ سنڌءِ سونهن جي ساراهه آ مون لاءِ درود،
تنهنجي نالي جو ڪرڻ ورد وظيفو منهنجو،
نرڙ مٿيءَ تي رکڻ تنهنجي آ مون لاءِ سجود.

تنهنجي نقشي ڏي نهارڻ آ تلاوت منهنجي،
تو سان الفت کي نباهڻ ٿيو منهنجو مذهب،
نينهن توساڻ لڳائڻ آهي مسلڪ منهنجو،
نه ڌرم دين ۽ مذهب سان آ منهنجو مطلب.

تو سان جي عشق سلامت ته آ قائم ايمان،
تو سان جي نينهن ٽٽي پئي ته ٿيان بي ايمان،
تو سوا ٻئي کي چاهيان ته وڏو مشرڪ مان،
۽ جي توکان رهان غافل ته وڏو ڪافر ٿيان.

تو مٿان ڪلمو پڙهي توتي ئي شل ساهه ڏيان،
سنڌ مان تنهنجي مٽيء ساڻ ملي هڪ ٿي وڃان،
سڪ ۾ تنهنجي مران شال مان مومن ٿي مران،
واٽ ۾ تنهنجي مران شال مان مومن ٿي مران.

ڳايون تا ڳايون تا.
پنهنجيءَ سنڌ کي ڳايون تا.

امن گھرون تا پوءِ ۽ اڳ لئه،
پيار گھرون تا ساري جڳ لئه،
چاهيون تا چاهيون تا.
ساري جڳ کي چاهيون تا.

جھوليءَ مان تا نينهن ورهايون،
جيڪو ڌڪاري، تنهن کي به چاهيون،
ناهيون تا ناهيون تا.
ڪين ڪڏهن ڊاهيون تا.

مَاٺھوءَ موهُه آ مذهب پنهنجو،
پيار جو مسلڪ ڏاڍو سنهنجو،
ڊاهيون تا ڊاهيون تا.
ڪوٽ نفرت جا ڊاهيون تا.

## آڌرياءُ

پوئين پهر جو ڏيئو آهيان.
آءٌ وهائو تاري جو،
آڌرياءُ ڪريان ٿو.

پوياڙيءَ جو پاڇو آهيان،
اِن لئه پرهه ڦٽيءَ جو،
آڌرياءُ ڪريان ٿو.

مان آهيان ڪو چٽندڙ پن،
چَيٽ جي ڦوٽهڙي جو،
آڌرياءُ ڪريان ٿو.

## همہ اوست

تون هڪ آهين،
مان هڪ آهيان،
هو هڪ آهي،
سڀ هڪ آهيون.

تون ۽ مان جي،
ملي وڃون ٿا،
هڪ ٿيون ٿا.

هو ۽ مان جي،
ملي وڃون ٿا،
هڪ ٿيون ٿا.

تون ۽ هو جي،
ملي وڃو ٿا،
هڪ ٿيو ٿا،
پوءِ ٻيو ڇا هي.

تـون هڪ آهـين.
مـان هڪ آهـيان.
هـو هڪ آهـي.
هڪ حق آهـي.
سـڀ هڪ آهـي.
سـڀ حق آهـي.
حق حق آهـي.

## نہ ڪو فراق نہ ڪو وصال

نہ ڪو فراق نہ ڪو وصال اھڙو منھنجو نينھن،
نہ ڪو صبح نہ سانجھہ ڪا، نہ ڪا رات نہ ڏينھن،
نہ ڪو جھُڙ نہ مينھن، نہ ڪا چانو نہ اس ڪا.

نہ ڪو آءٌ نہ تون، نہ ڪو ھيءُ نہ ھُو،
ٻڌندڙ ناھي ڪوئل ناھي، آھي رڳو ڪُو ڪو،
ھي جا آ " ھُو ھُو " ساڳي ئي " مان مان " اُھا.

نہ ڪو ساز نہ ڪو سوز، رڳو راڳ وجود جو،
تون رونق افروز، جا ڏي نيڻ نھار آ.

رُسين جي پرجين، منھنجي ساڳي سِڪ آ،
پري رھين ويجھو اچين، ماڳھين ڪين پچين،
مون لئہ لچين نہ لچين، ما پيو لچندس تو بنا.

**نئين ٿهيءَ ڏانهن**

(سرمد جي ذريعي)

شل جيئين شل جيئين،
گل گلابيءَ جيان،
تون سدائين ٽڙين.

آءٌ آهيان جڏو،
تون آن مون کان وڏو،
بار ڌرتيءَ جي گولي،
جو تنهنجي مٿان،
۽ تون ان کي کڻي اڳيرو،
اڄ کان،
شال روشن سپاٽي،
تي پهچي سگهين،
شل جيئين شل جيئين،

ائٽمي دور آ،
نفرتن زور آ،
جنگ جهيڙو گهڻو،
سپ ڪٽو ۽ ڪٽو،
شل ڪٽن ڪي گڏي،
ڪيچ تن مان ڪرين،
شل جيئين شل جيئين،
بڪ بيماري آ،
هن صديءَ جي سڃاڻ،
تون سياڻو مٺا،
تون ته آهين سڄاڻ،
شال چِيٽُن ڪي ٿهڪن،
۽ بدلي سگهين،
شل جيئين شل جيئين،

تون جيئين جي ته هيءَ سنڌ،
تو سان جيئي،
تون مرين سنڌ جي لاءِ،
ته به هوءَ جيئي،
تون مرين شل انهي ڪان،
ڪان اڳي مان مران،
سنڌ جي نئين ٿهيءَ،
لاءِ قربان ٿيان.
تون وڏين مان ٺران،
تون وڏين مان ٺران،
مان مران تون جيئين،
مان مران تون جيئين.
منهنجون سڀ خواهشون،
تون ئي پوريون ڪرين،
شل جُڳ جُڳ جيئين.
شل جُڳ جُڳ جيئين.

هر ڪو ماڻهو پيار ڪري ٿو،
ڪوئي ڪنهن سان ڪوئي ڪنهن سان.

مان جو تو سان پيار ڪريان ٿو،
پاڻ ۾ نه ڪو بيڪار ڪريان ٿو.

چو ته حياتي هڪڙو پيرو،
پهريون پيرو پويون پيرو،
موت ڪٽي ٿو سڀ جو پيرو،
هن کان اڳ نه حياتي هئي ڪا،
هن کان پوءِ نه ملندي ڪا.

پوئتي اوندهه اڳتي اوندهه،
جوت رڳو ات آهي جتي اڄ،
تون ۽ مان گڏ بيٺا آهيون.

# ڪيڏارو

# ڪيڏارو
**(داستان ڇهون)**
(فاضل راهو)

سِڪي سيڪو شال، هيءَ راهُوَ جي ريت،
نيائي پريت، سر ڏيئي ويو سنڌ کي.

راهُو تنهنجي ريت، سيڪو ڪين سِڪي سگهيو،
ڏرتيءَ سان هيڏي پريت، سيڪنهن جو ڪم ڪين آ.

راهُو ويو روڙي، ٻاڙها گل گلاب جا،
ذهنن تي زنجير هئا، سي سڀ ويو توڙي،
سنڌ ويو جوڙي، ليڪن پاڻ پڃي پيو.

# اورنگي

(داستان ستون)

اورنگيءَ ۾ باهه، چيٺون معصومن جون،
دوزخ هُن جهان جي، هِن جي آڏو ڇاهه،
خلقي ڇا اَللہ، مَاٺهوءَ کان وڌ قهر ٻيو.

گلن جهڙا ٻارڙا، تاندن منجهه سڙن،
سڙندڙ گهرن منجهان، اُلا، اپ جي طرف اڏن،
مُنين مائن جون رڙيون، عرش نہ ٿيون پهچن،
جهوليون خالي ٿين، پرجن قبرستان تا.

گهر سڙيا ور سڙيا، سڙيو سڄو کهول،
کنور سڙيا، کنواريون سڙيون، پريا رنگ رتول،
ڏسي هن ڏهڪاءَ کي، هينئڙي اچن هول،
جيکو جهلي جهول، تہ پون ان ۾ رت ڦڙا.

گل ته آهي گل، ڪهڙي پي رنگ جو هجي،
اُسري جنهن به مٽيءَ مان، ان جو وڏو ملهه.

ڏڪڙو ورندو ڏڪڙو تي، گار تي ورندي گار،
رت ورندي رت تي، پيار تي ورندو پيار،
گولي ورندي گولي تي، هار تي ورندو هار،
پوءِ اي منهنجا يار، نفرت ڇو پوکيون هتي.

**وائي**

(ڪيڏارو)

آڙاهــن ۾ ڪــالهہ،
سڙيا گل گلاب جا.

لَڏي ويـو ماٺـهـپـو،
آيـو ســو يــونچــال.

رحم رُلي ويو راهہ ۾،
پـهـتـو قـهـر ڪـمـال.

ماٺهوءَ ڇڏيو ماٺهپو،
ڇليو وحشـن چال.

ڪارو ڏامر روڊ جو،
ٿي ويو رت ۾ لال.

امن ڏي تون سنڌ کي،
پـلا ڪـر تـون پـال.

مرڪن شل معصوم هت،
نياٽيون ٿين نهال.

سڪر سٽائي سنڌ ۾،
هـووي ســدا شــال.

# پورو ٿيو

تنوير عباسي جا ڪتاب
www.tanveer-abbasi.org
تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا